SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XLVIII مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XLVIII OF 2002

سنڌ مڪاني حڪومت (نائين ترميم) آرڊيننس، 2002

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (NINTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

(CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي دفعه 181_A جي ترميم
Amendment of section 181_A of Sindh Local Government Ordinance, 2001

سنڌ آرڊيننس نمبر XLVIII مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XLVIII OF 2002
سنڌ مڪاني حڪومت (نائين ترميم) آرڊيننس، 2002
THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (NINTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[27 ڊسمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (نائين ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.	Short title and commencement
2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾، دفعه 181_A لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو: "ناظمن جو انٽرنل ريڪال. 181_A. جيستائين ڪجھ دفعات 24، 63 ۽ 85 جي متضاد نه هجي تيستائين، 31هين ڊسمبر، 2002 کان اڳ تعلقي ناظم، ٽائون ناظم يا يونين ناظم جي صورت ۾ ۽ 30هين جون 2003 کان اڳ ضلعي ناظم جي صورت ۾ انٽرنل ريڪال جي تحريڪ پيش نه ڪئي ويندي."	سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي دفعه 181_A جي ترميم Amendment of section 181_A of Sindh Local Government Ordinance, 2001

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻھن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي